به نام خداوند بخشنده مهربان

In the Name of Allah, the Compassionate the Merciful

Al-Mustafa International
Translation and Publication Center

# شيعہ اسلام جي نگاہ ۾

علامہ سيد محمد حسين طباطبائي رحمة الله عليه

مترجم
نائب علي رند

## ناشر پاران

عظيم اسلامي انقلاب جي ڪاميابي ۽ رابطن جي جهاني ٿيڻ کان پوءِ، انساني علوم جي ميدان ۾ نوان نوان سوال ۽ شڪ شبها مسلمان مفڪرن آڏو پيش ٿيڻ شروع ٿيا آهن، جيڪي هن زماني ۾ حڪومت لاءِ سنگين ذميواري جو سبب بڻجي رهيا آهن. اهو زمانو جيڪو ملڪن جي همہ گير سرپرستي ڪرڻ ۾ دين ۽ سنت جي پابندي ڪي تمام سخت بڻايو ڇڏي. ان ڪري اڄ ڪلھ جون تحقيقون جامع، منظم، ديني ميدان ۾ ڪارائتيون، دنيا جي معتبر معيارن ۽ خالص ۽ اونهي فڪرن تي مشتمل هجڻ گهرجن ۽ ديني ميدان ۾ تحقيق ڪندڙ حضرات جي فڪري ۽ تربيتي انحراف کان روڪٿام، هڪ اهم ڪم جي عنوان سان ۽ هن شجره طيبہ جي باني حضرات خاص طور تي عظيم اسلامي انقلاب جي باني امام خمينيؒ ۽ رهبر معظم انقلابؒ جي خاص عنايت تحت هجي.

ثقافتي ۽ رابطاتي ميدانن ۾ مغرب جي ثقافتي تسلط جي پکڙجڻ ۽ انهن جي جهاني ٿيڻ جي اها تقاضا آهي تہ هن مسئلن ۾ دلچسپي رکندڙ حضرات ۽ شاگرد، بلند فڪرن ۽ قيمتي معيارن کان آگاھ ٿين ۽ اهو ڪم اسپيشل سبجيڪٽن ڪي وجود ۾ آڻڻ نون ۽ بي نياز ڪندڙ مواد ڪي تدوين ڪرڻ، تعليم ۽ شاگردن جي لاءِ آماده ٿيل تربيت جي دامن ڪي وسعت ڏيڻ سان ئي پڄاڻي تي پهچندو. اها مهم ڪڏهن بنيادي مسئلن ڪي چيڙڻ ۽ ڪڏهن اسپيشل مواد ڪي تدوين ڪرڻ سان سڄاتي وڃي ٿي تہ ڪڏهن وري علمي بحثن ڪي آسان ۽ عام فهم زبان ۾ سهيڙڻ سان سامهون اچي ٿي.

تعليمي مرڪز رڳو منظم، قانوني ۽ جديد طرز مطابق تعليمي نظام جي سائي هيٺ ئي پروان چڙهي سگهن ٿا. سکيا جي مواد ۽ تعليمي ۽ تحقيقاتي طريقہ ڪارن تي نظر ثاني ڪرڻ ۽ انهن ڪي جديد دور جي تقاضائن مطابق پيش ڪرڻ پڻ ان نظم ۽ نواڻ ۽ نتيجي طور تعليمي ۽ تحقيقي مرڪزن جي علمي ترقي جو سبب ٿئي ٿو.

"جامعہ المصطفیٰ ﷺ العالميہ" (المصطفیٰ ﷺ انٽر نيشنل يونيورسٽي) قم المقدس ان اهم ڪم جو حصو بڻجي، غير ايراني طالبعلمن جي تعليم ۽ تربيت جي عظيم ذميواري سنڀاليندي مناسب تعليمي مواد جي تاليف ڪي پنهنجو مقصد بڻايو آهي ۽ ديني علوم جي مختلف سبجيڪٽن ۾ درسي مواد ڪي لکڻ ۽ نشر ڪرڻ ان مهم جو نتيجو آهي.

انٽر نيشنل المصطفیٰ ﷺ

ترجمہ ونشر مرڪز

# فهرست


**مهاڳ** ________________ ١٣

**آيت الله، علامہ سيد محمد حسين طباطبائيؒ جو سندن هٿ اڪرين لکيل زندگي نامو** ________________ ١٧

منهنجي زندگي ________________ ١٧

جيڪي ڪتاب قم ۾ لکيا ويا ________________ ٢٢

علامہ طباطبائي جون اخلاقي خاصيتون ________________ ٢٣

علامہ طباطبائي جي وفات جي تاريخ ________________ ٢٣

**پاڱو پهريون: شيعت جي پيدائش ۽ ترقيءَ جي ڪيفيت**

**سبق پهريون** ________________ ٢٧

١. دين ________________ ٢٧

٢. اسلام ________________ ٣٠

٣. شيعہ ________________ ٣١

**سبق ٻيو** ________________ ٣٣

شيعت جي پيدائش جي شروعات ۽ ان جي ڪيفيت ________________ ٣٣

**سبق ٽيون** ________________ ٣٩

شيعن جي اقليت جو سنين جي اڪثريت کان جدا ٿيڻ ۽ اختلافن جو پيدا ٿيڻ ________________ ٣٩

ٻہ مسئلا، جانشيني ۽ علمي مرڪزيت ________________ ٤٢

**سبق چوٿون** ______ ۴۵
انتخابي خلافت جو سياسي طريقہ ڪار ۽ ان جو شيعہ نقطہ نگاھ سان اختلاف ______ ۴۵

**سبق پنجون** ______ ۵۵
حضرت علي عليہ السلام جي خلافت ۽ سندن رويو ______ ۵۵
حضرت علي عليہ السلام جي پنج سالہ خلافت مان شيعن جو فيضياب ٿيڻ ۵۹

**سبق ڇھون** ______ ٦۵
خلافت جو معاويہ ڏانھن موٽڻ ۽ ان جو موروثي سلطنت ۾ تبديل ٿيڻ ______ ٦۵
شيعن جي لاءِ تمام سخت زمانو ______ ٦٨

**سبق ستون** ______ ٧١
بني اميہ جي بادشاھي جو برقرار ٿيڻ ______ ٧١
شيعہ ٻي صدي هجريءَ ۾ ______ ٧۵

**سبق اٺون** ______ ٨١
شيعہ ٽين صدي هجريءَ ۾ ______ ٨١
شيعہ چوٿين صدي هجريءَ ۾ ______ ٨٢
شيعہ نائين صدي هجريءَ ۾ ______ ٨٣
شيعہ ڏهين کان يارهين صدي هجريءَ تائين ______ ٨۴
شيعہ ٻارهين کان چوڏهين صدي هجريءَ تائين ______ ٨۵

**سبق نائون** ______ ٨٧
شيعن جا شعبا يا شاخون ______ ٨٧
شاخن جي اصل (ڪجھ شاخن جو ختم ٿي وڃڻ) ______ ٨٧
زيدي شيعہ ______ ٨٩
اسماعيلي شيعہ ۽ انهن جون شاخون ______ ٩١

**سبق ڏھون** ______ ٩٧
نزاريہ، مستعليہ، دروزيہ ۽ مقنعيہ ______ ٩٧
اثناعشري شيعہ، انهن ۽ زيدي ۽ اسماعيلي شيعن ۾ فرق ______ ٩٩

فصل جو تتمو ___ ١٠٠

اثناعشري شيعن جي تاريخ جو نچوڙ ___ ١٠١


## ياڳو ٻيو: شيعن جو مذهبي فڪر


**سبق يارهون ___ ١٠٧**

مذهبي فڪر جي معنىٰ ___ ١٠٧

مذهبي فڪر جو اسلام ۾ بنيادي سرچشمو ___ ١٠٧

مذهبي فڪر جي لاءِ قرآن جا ٻڌايل رستا ___ ١٠٨

ذڪر ٿيل ٽن طريقن ۾ فرق ___ ١١١

**سبق ٻارهون ۽ تيرهون ___ ١١٥**

پهريون طريقو: دين جا ظواهر، دين جي ظواهر جا قسم ___ ١١٥

صحابہ جي ڳالہ ___ ١١٦

ڪتاب ۽ سنت ۾ نئين سر بحث ___ ١١٧

قرآن سان قرآن جو تفسير بابت سادو مثال ___ ١١٨

**سبق چوڏهون ___ ١٢١**

قرآن جو ظاهر ۽ باطن ___ ١٢١

**سبق پندرهون ___ ١٢٧**

قرآن جي تاويل ___ ١٢٧

**سبق سورهون ___ ١٣٣**

حديث ۾ بحث جي پڄاڻي ___ ١٣٣

حديث تي عمل ڪرڻ بابت شيعن جو طريقہ ڪار ___ ١٣٥

**سبق سترهون ___ ١٣٧**

اسلام ۾ علم سکڻ ۽ علم سيکارڻ ___ ١٣٧

شيعہ ۽ علوم نقلي ___ ١٣٩

**سبق ارڙهون ___ ١٤٣**

ٻيو طريقو: عقلي بحث ___ ١٤٣

عقلي (فلسفي ۽ ڪلامي) فڪر ___ ١٤٣

اسلام ۾ فلسفي ۽ ڪلامي فڪر جي ترقيءَ ۾ شيعن جي اڳيرائي ___ ١٤٥
فلسفي ۽ ٻين عقلي علوم ۾ شيعن جي پائيدار ڪوشش ___ ١٤٧
شيعن ۾ فلسفو ڇو باقي رهيو؟ ___ ١٤٧

**سبق اوڻيهون ___ ١٥١**
ڪجهہ مکيہ شيعہ علمي شخصيتون ___ ١٥١

**سبق ويهون ___ ١٥٧**
ٽيون طريقو: ڪشف ___ ١٥٧
انسان ۽ عرفاني فهم ___ ١٥٧
اسلام ۾ عرفان جو ظهور ___ ١٥٨

**سبق ايڪيهون ___ ١٦٣**
ڪتاب (قرآن) ۽ سنت جي نفس جي معرفت ۽ ان جي پروگرامن بابت رهنمائي ___ ١٦٣

## حصو ٽيون: اثنا عشري شيعن جي نظر ۾ اسلامي عقيدا

**سبق ٻاويهون ___ ١٦٩**
١- الله جي معرفت ___ ١٦٩
دنيا جي حقيقت تي هڪ نگاہ- الله جي وجود جي ضرورت ___ ١٦٩
انسان ۽ دنيا جي رابطي تي ٻي نگاہ ___ ١٧٠

**سبق ٽيويهون ___ ١٧٧**
الله سائين جي وحدانيت ___ ١٧٧
ذات ۽ صفت ___ ١٧٨
الله جي صفات جي معنيٰ ___ ١٧٩

**سبق چوويهون ___ ١٨٣**
الله جي صفتن جي معنيٰ بابت وڌيڪ وضاحت ___ ١٨٣
صفات فعل ___ ١٨٤

**سبق پنجويهون ___ ١٨٩**
قضا ۽ قدر ___ ١٨٩

**سبق چويهون** ١٩٥
انسان ۽ اختيار ١٩٥
**سبق ستاويهون** ١٩٩
٢- پيغمبر جي معرفت ١٩٩
مقصد (عمومي هدايت) ڏانهن موٽ ١٩٩
خصوصي هدايت ٢٠١
**سبق اٺاويهون** ٢٠٧
عقل ۽ قانون ٢٠٧
مخفي شعور جنهن کي "وحي" چيو وڃي ٿو ٢٠٨
پيغمبرَ_نبوت جي عصمت ٢٠٩
**سبق اوڻٽيهون** ٢١٣
پيغمبرَ ۽ آسماني دين ٢١٣
پيغمبرَ ۽ وحي ۽ نبوت جي حجت ٢١٥
الله جي نبين عليهم السلام جو تعداد ٢١٨
اولوالعزم نبي ۽ صاحب شريعت ٢١٨
**سبق ٽيهون** ٢٢١
حضرت محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وآله جي نبوت ٢٢١
**سبق ايڪٽيهون** ٢٢٩
پيغمبر اسلام صلى الله عليه وآله ۽ قرآن ٢٢٩
**سبق ٻٽيهون** ٢٣٥
انسان جو روح ۽ جسم مان جڙڻ ٢٣٥
ٻين جي نگاهہ ۾ "روح" جي حقيقت بابت بحث ٢٣٧
موت، اسلام جي نگاهہ ۾ ٢٣٩
**سبق ٽيٽيهون** ٢٤٣
برزخ ٢٤٣

**سبق چوٽيهون ______ ٢٤٧**
٣- معاد (قيامت) جي شناخت ______ ٢٤٧
قيامت جو ڏهاڙو ______ ٢٤٧
**سبق پنجٽيهون ______ ٢٥٣**
قيامت جي باري ۾ ٻيو بيان ______ ٢٥٣
مخلوق جو لڳاتار پيدا ٿيڻ ______ ٢٥٨
**سبق ڇٽيهون ______ ٢٦١**
4. امام جي معرفت ______ ٢٦١
امام جي معنیٰ ______ ٢٦١
امامت ۽ پيغمبر اسلامﷺ جي جانشيني ۽ اسلامي حڪومت ______ ٢٦٢
**سبق ستٽيهون ۽ انٽيهون ______ ٢٦٩**
امامت قرآن ۽ حديث جي نگاھ ۾ ______ ٢٦٩
**سبق اوڻيتاليهون ______ ٢٨١**
گذريل گفتگو جي تائيد ۾ ______ ٢٨١
امامت، الاهي معارف جي بيان ۾ ______ ٢٨٣
**سبق چاليهون ______ ٢٨٧**
نبي ۽ امام ۾ فرق ______ ٢٨٧
اعمال جي باطن ۾ امامت ______ ٢٨٨
**سبق ايڪيتاليهون ______ ٢٩٥**
ائمہ عليهم السلام ۽ اسلام جا پيشوا ______ ٢٩٥
ٻارهن امامن جو مختصر زندگينامو ______ ٢٩٦
پهريون امام ______ ٢٩٦
**سبق ٻائيتاليهون ______ ٣٠٥**
ٻيو امام ______ ٣٠٥
**سبق ٽيتاليهون ______ ٣٠٩**
ٽيون امام ______ ٣٠٩

**سبق چوئيتاليھونۡ** ____ ٣١٩
چوٿون امام ____ ٣١٩
پنجون امام ____ ٣٢٠
**سبق پنجيتاليھونۡ** ____ ٣٢٣
ڇھون امام ____ ٣٢٣
ستون امام ____ ٣٢٦
**سبق ڇائيتاليھونۡ** ____ ٣٢٩
اٺون امام ____ ٣٢٩
نائون امام ____ ٣٣٢
ڏھون امام ____ ٣٣٣
**سبق ستيتاليھونۡ** ____ ٣٣٧
يارھون امام ____ ٣٣٧
ٻارھون امام ____ ٣٣٩
خاص نائب ____ ٣٣٩
**سبق اٺيتاليھونۡ** ____ ٣٤٣
امام مهديعجل الله تعالیٰ فرجه الشريف جي ظهور بابت بحث عام نگاه مطابق ____ ٣٤٣
**سبق اوڻونجاھونۡ** ____ ٣٤٩
ڪجھ اعتراض ۽ انهن جا جواب ____ ٣٤٩
**سبق پنجاھونۡ** ____ ٣٥٣
شيعن جو معنوي پيغام ____ ٣٥٣
**مددي ڪتاب** ____ ٣٥٧

# مهاڳ

ڪتاب"اسلام جي نگاه ۾ شيعہ"، بي مثال دانشمند مرحوم آيت الله علامہ سيد محمد حسين طباطبائيرحمة الله عليه جو هٿ لکيل هڪ قيمتي، منطقي، استدلالي، مفيد ۽ جامع مطلبن تي مشتمل ايتري بهترين تحرير آهي، جو ان جي تاليف کي اڌ صدي گذرڻ ۽ بار بار ڇپجڻ جي باوجود بہ روزانو ان جي پڙهڻ وارن ۾ اضافو ٿيندو ٿو رهي ۽ هيءُ ڪتاب نون نون مشتاقن ۽ چاهڻ وارن کي پاڻ ڏانهن جذب ڪري رهيو آهي.

هيءُ ڪتاب، جنهن جو انگريزي ترجمو، ڪافي سال امريڪا جي يونيورسٽين ۾ "شيعہ شناسي" جي موضوع تي سبجيڪٽ طور شامل رهيو آهي، هن وقت ايران جي علمي مرڪزن ۾ "علم ڪلام" جي عنوان تحت ٻئي طبقي جي درسي ڪتابن ۾ شمار ٿئي ٿو.

بنده حقير کي هن قيمتي ڪتاب ۾ ان جي درس ڏيڻ دوران، ڪيتريون ئي ڪمپوزنگ جون غلطيون ڏسڻ ۾ تي آيون، جنهن جي ڪري انتشارات اوريان (نشر قدس رضوي) جي چيئرمين، جناب حجة الاسلام والملسمين سيد محمد صدر الادبائي، جيڪو ديني مدرسن ۾ درسي ڪتابن جي تقسيم جو چيئرمين پڻ آهي، جي تقاضا تي ان جي مڪمل تصحيح ۽ چنڊڇاڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيم، جنهن ۾ انجام ڏنل ڪم هيٺين ريت آهن:

۱. هن ڇاپي ۾ هن ڪتاب جون جيڪي بہ ڇپائي جي حوالي سان، توڙي ٻئي ڪنهن بہ حوالي سان غلطيون هيون، تصحيح ڪيون ويون آهن ۽ ان ۾ تمام گهڻو غور ۽ فڪر ڪيو ويو آهي.

۲. علامتي سنوار ۽ سڌار جي حوالي سان جيڪي بہ ضروري اصلاحات هيون، ان جي نشانين کي مڪمل طور واضح ڪرڻ سان گڏوگڏ، ان ۾ انجام ڏنيون ويون آهن، جڏهن تہ ڪتاب جي ڪنهن بہ مطلب کي گهٽايو نہ ويو آهي.

۳. ضروري اصلاحات ۽ اهڙي ريت اهي آيتون ۽ روايتون جيڪي ترجمو نہ ٿي سگهيون هيون، اهي متن يا حاشيئي ۾ بريڪٽ ۾ آنديون ويون آهن.

۴. اهي جايون جتي رڳو قرآن جي آيتن جو ترجمو آندو ويو هو، اتي بهتر نموني فائدو وٺڻ لاءِ قرآن جي آيت کي ترجمي کان پهرين ذڪر ڪيو ويو آهي.

۵. ڪتاب جي مطلبن کي سٺي نموني سمجهڻ ۽ انهن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي لاءِ، ان جا سيئي مطلب پنجاه سبقن ۾ سهيڙيا ۽ تقسيم ڪيا ويا آهن.

٦. هر سبق جي آخر ۾ شاگردن جي سٺي ۽ وڌيڪ سمجهاڻي لاءِ، ان سبق سان وابستہ جيڪي ضروري سوال آهن، اهي آندا ويا آهن.

۷. ڪجھ جاين تي، متن کي اونهي نموني سمجهڻ جي لاءِ، حاشيئي ۾ بريڪٽ ۾ ضروري وضاحتون ڏنيون ويون آهن.

۸. هن ڪتاب جي لکت ۽ اصلاح جي آئين نامي "فارسي زبان جي صورتخطي جو دستور" مطابق انجام ڏني وئي آهي، جيڪو فارسي ادب ۽ زبان جي اداري طرفان پاس ٿيل آهي.

۹. هن ڪتاب جو نئون ڇاپو، جيڪو ستون ڇاپو آهي، نئين سر اصلاحات سان انجام ڏنو ويو آهي ۽ تمام وڏي جرئت سان چئي سگهجي ٿو تہ: هن ڪتاب جو سيني کان وڌيڪ تصحيح ٿيل نسخو هيءُ ڪتاب آهي.

١٠. مؤلف جي حالات ۽ زندگيءَ کان وڌيڪ آگاهي جي لاءِ مؤلف جو پنهنجو ئي لکيل زندگينامو، ڪتاب جي شروعات ۾ ڏنو ويو آهي.

هيءَ ڳالهہ ڪرڻ وٽان آهي تہ، هن ڪتاب جو حاشين ۽ وضاحتن سان تصحيح ٿيل نسخو، ڇپائي کان پهرين، علامہ طباطبائيرحمۃ اللہ علیہ جي دانا ۽ لائق احترام فرزند، جناب سيد عبدالباقي طباطبائي تائين پهچايو ويو ۽ پاڻ ان جي تصديق ڪندي، ان جي ڇپائي جي اجازت ڏني اٿن.

اسان کي اها اميد آهي تہ هيءَ ناچيز خدمت، الله سائين جي بارگاه ۾ قبول پوندي ۽ لائق احترام طلابعلمن ۽ شاگردن جي لاءِ ڪارائتي ثابت ٿيندي، مالڪ کان دعا آهي تہ بنده حقير کي پنهنجي نيڪ دعائن ۾ نہ وساريندا.

والسلام:
**محمد علي ڪوشا**
**قم۔ حوزه علميہ**
**سال ١٣٨٥ شمسي**

# آيت الله، علامہ سيد محمد حسين طباطبائي رحمۃ اللہ علیہ
# جو سندن هٿ اکرين لکيل زندگي نامو

**(ولادت: ١٢٨١ شمسي ـ وفات: ١٣٦٠ شمسي)**

## منهنجي زندگي

آئون، محمد حسين طباطبائي، ١٢٨١ شمسي، تبريز جي هڪ عالم گهراڻي ۾ پيدا ٿيس. پنجن سالن جي عمر ۾ ماءُ ۽ نون سالن جي عمر ۾ والد جي سائي کان محروم ٿيس ۽ چاڪاڻ تہ اسان وٽ زندگي گذارڻ جو ٿورو گهڻو ذريعو هو. اسان جي سرپرست_بابي جي وصي_اسان (منهنجي ۽ منهنجي ننڍي ڀاءُ) جي زندگيءَ جي حالات کي مشڪل ۾ وجهڻ نہ ڏنو ۽ اسان هڪ نوڪر ۽ هڪ نوڪرياڻي جي سرپرستي ۾ زندگي گذارڻ لڳاسين. والد جي وفات کان ڪجھ وقت پوءِ مڪتب (گهريلو اسڪول) ۾ ان کان ٿورو عرصو بعد اسڪول موڪليو ويو. آخرڪار اسان کي هڪ خاص استاد جي حوالي ڪيو ويو، جيڪو گهر اچي اسان کي تعليم ڏيندو هو، ائين اسان ڇهن سالن جي لڳ ڀڳ فارسي ۽ ابتدائي تعليم پرائڻ ۾ مصروف رهياسين.

انهيءَ زماني ۾ شروعاتي تعليم لاءِ ڪو خاص قانون مقرر ٿيل نہ هو. رڳو ايترو ياد اٿم تہ سال ١٢٩٠ شمسي کان ١٢٩٦ شمسي جي دوران، جيڪو آئون پنهنجي پڙهائي ۾ مصروف

هيس، ان وقت "قرآن مجيد" پڙهيم، جيڪو هر ڪتاب کان پهرين پڙهيو ويندو هو، ان کان پوءِ ڪتاب "گلستان"، "بوستان سعدي"، "نصاب"، "اخلاق مصور"، "انور سهيلي"، "تاريخ معجم"، "منشآت امير نظام"[١] ۽ "ارشادُالحساب" پڙهيم.

سن ١٢٩٧ شمسي ڏاري ديني ۽ عربي علم جي سکيا لاءِ قدم رکيم ۽ سن ١٣٠۴ ش تائين انهن جي پڙهائي ۾ مصروف رهيس.

انهن ئي ستن سالن جي دوران، علم صرف ۾ "امثلہ"، "صرف مير" ۽ "تصريف" ۽ علم نحو ۾ "عوامل"، "انموذج"، "صمديہ"، "سيوطي"، "جامي"، "مغني" ۽ علم بيان ۾ "مطول"، علم فقہ ۾ "شرح لمعہ" ۽ "مڪاسب"، علم اصول ۾ "معالم الدين"، "قوانين"، "رسائل" ۽"ڪفايہ"، منطق ۾ "ڪبرىٰ"، "حاشيہ ملاعبد الله" ۽ "شرح شمسيہ"، فلسفي ۾ "شرح اشارات" ۽ علم ڪلام ۾ "ڪشف المراد" پڙهيم، ان ترتيب سان (فلسفي ۽ عرفان) کان علاوه ٻيا سبجيڪٽ پورا ٿيا.

سن ١٣٠۴ ش ڏاري، پنهنجي تعليم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، نجف اشرف جو راهي ٿيس ۽ مرحوم آيت الله شيخ محمد حسين اصفهانيرحمة الله عليه جي درس ۾ شامل ٿيس، علم اصول جي درس خارج جو دورو جيڪو ڇہ سال جو هو ۽ اهڙي ريت سندن ئي فقہ ۾ چئن سال جو دورو مڪمل ڪيم، اهڙي ريت مرحوم آيت الله نائينيرحمة الله عليه جو اٺن سالن جو فقہ جو دورو ۽ سندن اصول جي درس خارج جي دوري ۾ شرڪت ڪيم ۽ اهڙي ريت ڪجہ وقت لاءِ فقہ ۾ مرحوم آيت الله سيد ابوالحسن اصفهانيرحمة الله عليه جي درس خارج ۾ شريڪ ٿيس، "ڪليات علم رجال" پڻ مرحوم آيت الله حجت ڪوه ڪمريرحمة الله عليه وٽ پڙهيس.

١. امير نظام گروسي جي شخصيت ۽ زندگي نامي جي معلومات لاءِ "سيماي بيجار گروس و حسن آباد يا سوگند"، تاليف ۽ تحقيق: محمد علي ڪوشا، انتشارات سيروان، جي صفحي ١١٢ کان ١٦٩ تائين رجوع ڪيو.

فلسفي ۾ پڻ ان وقت جي مشهور حڪيم ۽ فيلسوف، مرحوم سيد حسين بادڪوبيؒ جي درس ۾ حاضر ٿيڻ جي توفيق ٿي. ڇهن سالن جي عرصي جي دوران، جنهن ۾ وٽن شاگردي جو شرف حاصل ٿيم، سبزاوري جي "منظومہ"، ملاصدرا جي "اسفار ۽ مشاعر"، بوعلي جو ڪتاب "الشفاء" ۽ ڪتاب "اثولوچيا" ۽ ابن ترڪہ جي "تمهيد" ۽ ابن مسڪويہ جو ڪتاب "اخلاق" پڙهيم.

مرحوم بادڪوبي، منهنجي تعليم ۽ تربيت جي سلسلي ۾ جيڪا دلچسپي ڏيکاريندو هو، مون کي برهاني فڪر کان آگاھ ڪرڻ ۽ فلسفي ذوق کي قوي ڪرڻ لاءِ، رياضيات پڙهڻ جو امر ڪندو هو. استاد محترم جي حڪم جي فرمانبرداري ڪندي، رياضي جي وڏي ڄاڻو مرحوم سيد ابوالقاسم خوانساري جي درس ۾ شرڪت ڪيم، ان کان استدلالي حساب ۽ "هندسہ مسطحہ ۽ فضائي" ۽ "جبر استدلالي" جو هڪ دورو پورو ڪيم.

سن ١٣١۴ ش، ڪجہ مالي مشڪلات جي ڪري، مجبور ٿي پنهنجي اصلي ماڳ "تبريز" ڏانهن موٽي آيس ۽ ڏہ سالن کان ڪجہ عرصو مٿي اتي گذاريم، جيڪو حقيقت ۾ منهنجي زندگيءَ ۾ منهنجي روح کي رنجائيندڙ زمانو هو: ڇاڪاڻ تہ ضروري مجبورين جي ڪري عام ماڻهن سان اتي ويني ۽ معاشي زندگيءَ گذارڻ جي لاءِ ٻني ٻاري جي ڪم ڪار ڪري _ٿوري گهڻي کان سواءِ_ درس ڏيڻ ۽ عملي فڪر کان دور ٿي چڪو هيس ۽ لڳاتار اندروني ڪشمڪش جو شڪار پئي رهيس.

سن ١٣٢۵ ۾ پنهنجي هر ڪم ڪار کان اڪيون ٻوٽي، پنهنجي اصلي ماڳ کان الوداع ڪيم ۽ حوزہ علميہ قم جو راهي ٿيس، زندگيءَ جو بستر هن شهر اچي وڇايم ۽ وري ٻيو دفعو اچي پنهنجي علمي ڪم ڪارن ۾ مصروف ٿي ويس ۽ هيستائين (١٣۴١ جا شروعاتي ڏهاڙا) پنهنجي زندگي اتي ئي گذاري رهيو آهيان.

البت هر ماڻهو پنهنجي حال سارو سندس زندگيءَ ۾

خوشيون، غميون، بديون ۽ خوبيون ۽ يادگيريون جي يادداشت ڪندو آهي، مون بہ پنهنجي زندگيءَ جو ڪجھ حصو يتيمي، غربت، دوستن سان جدائي يا وسيلن کان ڪٽجي وڃڻ، فقر ۽ ٻين مشڪلات ۾ گذاريو آهي، جنهن جي ڪري پنهنجي زندگيءَ گهڻن لاهن چاڙهن سان اٽڪيل رهيو آهيان ۽ رنگ رنگي ماحولن جو شڪار رهيو آهيان. پر لڳاتار اهو محسوس ڪندو رهيو آهيان تہ ڪو غيبي هٿ مون کي هر خطرناڪ حملي کان محفوظ رکيو اچي ۽ ڪا غيبي طاقت مون کي هزارين مشڪلات مان ٻاهر ڪڍي پنهنجي منزل جي طرف هدايت ڪري رهي آهي.

من اگر خارم و گر گل، چمن آرايي هست

کہ از آن دست کہ مي پروردم، مي رويم.

تعليم جي شروعاتي ڏهاڙن ۾ جڏهن صرف ۽ نحو ۾ مصروف هيس، تہ مون کي تعليم اڳتي وڌائڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي، تنهن جي ڪري جيڪو پڙهندو هيس، اهو سمجهي نہ سگهندو هيس ۽ چار سال انهيءَ حال ۾ گذاريم. ان کان پوءِ اچانڪ الله سائين جي عنايت مون کي نصيب ٿي ۽ اچانڪ تبديل ٿي ويس ۽ پنهنجي اندر ۾ ڪمال تائين پهچڻ جي لاءِ هڪ قسم جي بي تابي ۽ پياس محسوس ڪيم. اهڙي طرح جو ان ڏينهن کان وٺي پنهنجي تعليم جي پوري ٿيڻ تائين لڳ ڀڳ سترنهن سال جو عرصو گذريو، پر ان جي دوران تعليم ۽ فڪر ڪرڻ ۾ ٿڪاوٽ ۽ سستي محسوس نہ ڪيم، دنيا جي سڀني رنگينين کي وساري، دنيا جي تلخ ۽ شيرين واقعن کي برابر سمجهندو هيس، جنهن جي ڪري جيڪي ماڻهو اهل علم نہ هيا، انهن سان اٿڻ، ويهڻ کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيم، کائڻ پيئڻ، سمهڻ ۽ زندگيءَ جي ٻين مسئلن ۾ تمام گهٽ مقدار تي اڪتفاء ڪندو هيس، باقي جيڪو ٽائيم هوندو هو، اهو مطالعي ۾ ڪتب آڻيندو هيس، گهڻو ڪري ائين ٿيندو هو _ گهڻو ڪري بهار ۽ گرمين جي ڏهاڙن ۾_ جنهن ۾ پوري رات سج اڀرڻ تائين مطالعي

۾ گذاريندو هيس ۽ هميشہ ٻئي ڏينهن واري درس جو هڪ رات پهرين مطالعو ڪري ڇڏيندو هيس، جيڪڏهن ڪو اشڪال سامهون ايندو هو تہ پوري جفاڪشيءَ سان ان ڪي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هيس ۽ جڏهن درس ۾ ويندو هيس تہ استاد جيڪو چوندو هو، اهو منهنجي لاءِ پهرين کان واضح هوندو هو ۽ ڪڏهن بہ استاد وٽ ڪو اشڪال ۽ اعتراض ڪٽي نہ ويندو هيس.

مختصر قلمي ڪاوشون جيڪي نجف ۾ تعليم جي دوران آماده ڪيون اٿم:

١. برهان جي باري ۾ هڪ رسالو.
٢. مغالطي جي باري ۾ هڪ رسالو.
٣. تحليل جي باري ۾ رسالو.
۴. ترڪيب جي باري ۾ رسالو.
۵. اعتباريات (انساني ذهن جا ناهيل فڪر) جي باري ۾ رسالو.
٦. نبوات ۽ خوابن جي باري ۾ رسالو.

اهي قلمي ڪاوشون جيڪي تبريز ۾ رهائش دوران لکيم:

١. الله سائين جي ذات جي باري ۾ رسالو.
٢. اسماء ۽ صفات جي باري ۾ رسالو.
٣. افعال خدا جي باري ۾ رسالو.
۴. الله ۽ انسان جي درميان وسيلن جي باري ۾ رسالو.
۵. انسان قبل الدنيا جي باري ۾ رسالو.
٦. انسان في الدنيا جي باري ۾ رسالو.
٧. انسان بعد الدنيا جي باري ۾ رسالو.
٨. ولايت جي باري ۾ رسالو.
٩. نبوت جي باري ۾ رسالو (انهن رسالن ۾ عقل ۽ نقل جي درميان پيٽ ڪرايل آهي.)
١٠. آذربائيجان ۾ طباطبائي (سادات) جي نسبَ جي سلسلي جي باري ۾ ڪتاب.

## جيڪي ڪتاب قم ۾ لکيا ويا

١. تفسير الميزان، جيڪو ٢٠ جلدن ۾ ڇپيو آهي. هن ڪتاب ۾ قرآن جي آيت سان آيت جو تفسير ٿيل آهي، جيڪو طريقو پهرين ڪڏهن ڪنهن نہ اپنايو.

٢. اصول فلسفہ (روش رئاليسم) هن ڪتاب ۾ مشرق ۽ مغرب جي فلسفي جي پنجن جلدن ۾ تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي.

٣. ڪفاية الاصول تي حاشيو.

٤. ملاصدرا رحمۃ اللہ علیہ جي اسفار تي حاشيو، جيڪو پڻ ٩ جلدن ۾ ڇپيو آهي.

٥. وحي يا مخفي شعور.

٦. ولايت ۽ حڪومت اسلامي جي باري ۾ ٻہ رسالا (فارسيءَ عربي)

٧. فرانسي مستشرق پروفيسر ڪربن ڪي سال ١٣٣٨ شمسي ۾ ڏنل (مختلف) انٽرويو، جيڪي "شيعہ" نالي سان هڪ جلد ۾ ڇپيو آهي.

٨. اعجاز (معجزي) جي باري ۾ رسالو.

٩. علي و الفلسفة الاهية (جيڪو فارسي ۾ پڻ ترجمو ٿيو آهي)

١٠. شيعہ اسلام جي نگاہ ۾. (زير نظر ڪتاب)

١١. قرآن ۾ شيعہ.

١٢. مجموعہ مقالات، جنهن ۾ سوال، جواب مختلف علمي، فلسفي ۽ ٻيون بحثون شامل آهن.

١٣. سنن النبي صلی اللہ علیہ وآلہ جيڪو محمد هادي فقهي جي ترجمي ۽ تحقيق سان ٤٠٠ صفحن تي ڇپجي چڪو آهي.[١]

---

١. هي زندگي نامو ڪتاب "چراغ تجربہ" ، جعفر پزوم، ص ٣٤٨، نشر ثالث، تهران ١٣٧٦ تان ورتو ويو آهي، هيءُ ڪتاب ڪجھ بزرگ شخصيتن طرفان سندن هٿان ئي لکيل زندگينامي تي مشتمل آهي.

## علامہ طباطبائي جون اخلاقي خاصيتون

علامہ طباطبائي اهڙو عالم هو، جنهن سندس وجود ۾ علم ۽ عمل کي سهيڙي رکيو هو. هو بلند پايہ فقيہ، مفکر، مايہ ناز فيلسوف، عارف ڪامل ۽ خواهشات نفساني کان آجو انسان هو. درس پڙهائڻ ۽ جواب ڏيڻ واري وقت کان سواءِ ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندو هو. هميشہ ذڪر ۽ الله جي ياد ۾ مصروف هوندو هو، گهٽي ڳالهائڻ تي خاموش رهڻ کي ترجيح ڏيندو هو. تمام گهڻو نوڙت رکندڙ انسان هو. وجوهات شرعيہ (خمس، زڪوات ۽ ٻين شرعي حقوق) مان خرچ نہ ڪندو هو. سندس ڳالهائڻ ۾ سڪون ۽ سندس ميل جول نهايت ئي نرم، سندس ڳالہ اثرائتي ۽ سندس نگاه محبت ۽ گهرائيءَ سان ڀريل هئي. جيڪو بہ ساڻس اٿ ويہ ڪندو هو، سندس وجود ۾ معنويت محسوس ڪندو هو. ها! سچ پچ تہ "العلماء ورثة الانبياء" جو واضح مصداق هو.

## علامہ طباطبائي جي وفات جي تاريخ

علامہ سيد محمد حسين طباطبائيؒ ٢۴ آبان ماه ١٣٦٠ شمسي (مطابق ١٨ محرم سن ١۴٠٢ ق) آچر جي ڏينهن وفات ڪئي ۽ ٻئي ڏهاڙي سندس پاڪ جنازي کي قم المقدس جهڙي مذهبي شهر ۾ بيبي فاطمہ معصومہؑ جي حرم ۾ موجود مسجد بالا سر ۾ دفن ڪيو ويو ۽ آخرڪار هن فاني دنيا ۾ ٧٩ سال عزت ڀري زندگي گذارڻ کان پوءِ، عالَم باقي جي طرف روانو ٿيو ۽ پنهنجي نالي ۽ ياد کي "الميزان في تفسير القرآن" جهڙي لازوال علمي سرمائي سان نيڪي ۽ افتخار سان يادگار طور ڇڏيائون.